# پارس

[ ڀاڱو ٣ ]

Paras III

قيمت پنج آنا

گل ڦل آفيس
ڪراچي ١

# آکاڻين جي فهرست


| آکاڻي | صفحو |
|---|---|
| ١. ڪاشگر جا ٺڳ | ١ |
| ٢. شاعر جي چونڊ | ١١ |
| ٣. باندرن جو قلع | ١٧ |
| ٤. نيڪدل راجا | ٢٥ |
| ٥. ٻڪوات جو ڦل | ٢٩ |
| ٦. لٻڙ ڏئون ڏئون | ٣٣ |



Printed and Published by
Mellaram Mangatram Vaswani at the Sunder Press,
Teckchand Udhawdas Road, Garrikhatta, Karachi.

# ڪاشغر جا ٺڳ

مدن نالي هڪڙو نوجوان سوداگر ٻين ملڪن ۾ سفر ڪري پنهنجو واپاري مال وڪڻندو هو. هڪڙي دفعي وٽس ڪاشغر جا ڪي ماڻهو اچي لٿا، جن کيس ٻڌايو ته ڪاشغر ۾ صندل سون کان به وڌيڪ مهانگي قيمت تي وڪامي ٿو.

مدن يڪدم سڀني روپين جو ڪٺي صندل جو ڪاٺ خريد ڪيو ۽ اُهو وڪڻڻ لاءِ ڪاشغر ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن اُن شهر کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي پهتو ته شام اچي ٿي ۽ هن پنهنجي منزل جهنگل ۾ ڪٺي ڪئي.

روپو سوداگر به ڪاشغر ۾ صندل جو ڪاٺ وڪڻندو هو. کيس يڪدم خبر پيئي ته هڪڙو ٻاهريون سوداگر هتي صندل جو ڪاٺ وڪڻڻ آيو آهي ۽ سندس مال سان لڏيل اُٺ هن وقت ٻن ميلن جي مفاصلي تي جهنگل ۾ آهن. روپي

پنهنجي دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن اُهو سوداگر
هتي اچي صندل جو ڪاٺ وڪڻندو ته منهنجا
گراهڪ گهٽ ٿي پوندا اُنهيءَ ڪري ڪيس ڪنهن
نه نموني هتان ڀڄائڻ گهرجي.
اُن لاءِ روپو پنهنجن اُنن لاءِ ڪجهه صندل
جو ڪاٺ لڏي اُنهيءَ جهنگل ۾ وڃي پهتو جتي
مدن پنهنجي منزل هنئين هئي. روپي به هڪڙي
هنڌ وڃي ڏيرو ڪيو ۽ جڏهن رات گهڻي گذري
لڏ هن صندل جي ڪاٺين جو وڏو ڍير لڳائي اُن
کي ڪٺي باه ڏنائين. ٿوري ئي وقت ۾ صندل جي
خوشبوءِ سان سڄو جهنگل ڀرجي ويو. مدن
شعاع طرف ويجهو وڃي ڏٺو ته هڪ سوداگر صندل
جو ڪاٺ ساڙي رهيو آهي. هوُ حيران ٿي ڪيس
چوڻ لڳو "مون ته سمجهيو هو ته ڪاشڪر ۾ صندل
جو ڪاٺ سون کان به مهانگو وڪامندو آهي ۽
مان هزارن روپين جو صندل جو ڪاٺ هتي وڪڻ
لاءِ خريد ڪري آيو آهيان ليڪن تون ته مورڳو
صندل ٻاري رهيو آهين. ڪئين ڳالهه آهي.؟"
روپي اها ڳالهه ٻڌي هڪ ٺهڪ ڏنو ۽ چوڻ
لڳو "ڀائي هتي ته صندل رواجي ڪاٺين جي اگهه

ٿي وڪامندو آهي توکي ڪهڙي بيوقوف بڻايو
آهي ته هتي صندل بلڪل مهانگو آهي. صندل
جي ڪاٺين سان ئي ته هتي جا ماڻهو رڌيندا
پچائيندا آهن.

اهو ٻڌي مدن کي پنهنجي محنت ۽ روپيه
برباد ٿيڻ لئي گهڻو افسوس ٿيو ۽ دل ۾
انهن مسافرن کي پٽڻ لڳو جن کيس بڻايو هو ته
ڪاشغر ۾ صندل جو ڪاٺ سون جي اگهه تي
وڪامندو آهي.

روپو چوڻ لڳو "ڀائي هاڻي ڏکه ڪرڻ مان
ڪهڙو فائدو؟ جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو. مونکي
توسان گهڻي همدردي آهي ۽ تنهنجي غريبيءَ
تي رحم ٿو اچي. مان تنهنجو سڀ صندل جو ڪاٺ
خريد ڪندس. تون مون سان ڪاشغر هل اُتي
سون، چاندي ۽ هيرن کان سواءِ جا به شيءِ گهرندين
اُها صندل جي ڪاٺ جي وزن برابر توري ڏيندس
ليڪن هن وقت تون مونکي هڪ رسيد لکي ڏي
ته مون پنهنجو صندل جو ڪاٺ روپي سوداگر
کي وڪرو ڪيو. شهر پهچي سون، چاندي ۽ هيرن
کان سواءِ جو گهرندس سو سوداگر مونکي ڏيندو."

مدن روپي کي اُن قسم جي رسيد لکي ڏني ۽ پوءِ ڪاشغر ڏانهن روانا ٿيا. اُتي پهچي پوءِ هڪ مهمانسراءِ ۾ لٿا. انهيءَ سراءِ جي مالڪ جي ڌيءَ تمام هوشيار، سمجهو ۽ نيڪدل هوندي هئي ۽ ڌارين جي تمام گهڻي خاطرداري ڪندي هئي. روپو ٺڳ ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويو ته مدن ڳالهين ڳالهين تان سراءِ واري ڇوڪريءَ کان پڇيو "هتي صندل جي ڪاٺ جو ڪهڙو اگهه آهي؟" ڇوڪريءَ ٻڌايو ته هتي صندل سون کان به وڌيڪ مهانگو و ڪامندو آهي.

اُهو ٻڌندي مدن جي هٿن مان ڏي ڪِري پيو ۽ هن جاتي ورتو ته روپي مون سان دغا ڪئي آهي. ڇوڪريءَ اجنبيءَ کي ناواقف سمجهي اُن شهر جي هيٺ مٿاڻن کان ڪيس آگاهه ڪيو ۽ چيائين "ڀائي! هن شهر جا ماڻهو تمام فريبي ۽ مڪار آهن. انهن کان خبردار رهج."

مدن پنهنجي ٺڳ ساٿيءَ کي ڪجهه نه چيو ڇو ته کيس خبر هئي ته پاڻ رسيد لکي ڏني اٿس ۽ هاڻي هن کان ڪاٺ واپس وٺي نٿو سگهجي. ٻئي ڏينهن مدن شهر جو سير ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو.

رستي ۾ ڪنهن هنڌ ڪي ماڻهو شطرنج راند ڪري رهيا هئا. هن دل ۾ سوچيو ته هلي شطرنج راند ڪريان جئن دل جو صدمو ڪجهه وقت وساري سگهجي تنهنڪري هن شطرنج راند ڪندڙن کي چيو "ڀائي مان به راند ڪرڻ ٿو چاهيان." اُهي ماڻهو چوڻ لڳا "اسين اُن شرط تي شطرنج راند ڪندا آهيون ته کٽندڙ هارائيندڙ کي جيڪي چوندو آهي سو هُو بنا عذر پورو ڪندو آهي." مدن انهيءَ شرط تي راضي ٿيو ۽ هاڻي سڀيئي شطرنج راند ڪرڻ لڳا. قسمت سان ٿوري وقت ۾ مدن هارايو. کٽڻ وارو چوڻ لڳو "هاڻي تون پنهنجو شرط پورو ڪر." مدن چيو "مان تيار آهيان." شرط کٽڻ وارو چوڻ لڳو "چڱو تون سمنڊ جو سڄو پاڻي پي ڇڏ."

مدن چوڻ لڳو "ڀائي توهين ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪريو؟ ڪڏهن ڪو به سمنڊ جو سڄو پاڻي پي سگهيو آهي. سمنڊ جو پاڻي ڪؤڙو، هڪ ڍڪ پيڻ به مشڪل." شرط کٽندڙ جواب ڏنو "تون ته ڪو عجيب آدمي آهين جو پنهنجي زبان تان ڦري رهيو آهين. جيڪڏهن شرط

ڇوڙي ڪرڻ جي همت نہ هيئہ تہ شرط بڌہ ڇو؟"
هاڻي انهن ٻنهي ۾ جهيڙو ٿيڻ لڳو. ايتري قدر جو
ڪين وڙهندو ڏسي ماڻهن جو هڪ ميڙ اچي اُتي
ڪٺو ٿيو. اُنهن ڏينهن ۾ ڪاشغر جو هرڪو ماڻهو
دغاباز ۽ مڪار مشهور هو. اچا ٻئي لڙي رهيا هئا
تہ شرط ڪٽيندڙ جو هڪڙو ڪاڻو دوست اڳتي وڌيو
۽ چوڻ لڳو "هن ماڻهوءَ منهنجي اک چورائي آهي."
منهنجي اک سچ پچ اهڙي هئي جهڙي هن
سوداگر جي ڏائي اک آهي.

نوجوان سوداگر چوڻ لڳو "عجيب ڳالهہ آهي
جو هيءَ مون تي ڪوڙو الزام ٿو رکي. حقيقت ۾
مان بلڪل بيقصور آهيان."

جڏهن سڄي شهر ۾ اِهو افواہ ڦهليو تہ هڪڙو
نوجوان سوداگر ڪاشغر جي ماڻهن کي ٺڳيندو
ٿو رکي تہ ماڻهن کڻي ڪيس جهليو ۽ ڪيس قاضي جي
عدالت ۾ وٺي ويا. جڏهن اُهي ماڻهو مدن کي جهلي
انهيءَ سراءِ جي اڳيان لنگهيا تہ انهيءَ ڇوڪريءَ کي
سوداگر تي رحم آيو ۽ هن ضمانت ڏيئي ڪيس
ڇڏايو ۽ چوڻ لڳي تہ "سڀاڻي مان خود ڪيس قاضي
جي عدالت ۾ پيش ڪنديس." سڀيئي ماڻهو

ـي وڪامندو آهي ڏوڪي ڪهڙي بيوقوف ٻڌايو آهي ته هتي صندل بلڪل مهانگو آهي. صندل جي ڪاٺين سان ئي ته هتي جا ماڻهو رڌيندا پچائيندا آهن.

اهو ٻڌي مدن کي پنهنجي محنت ۽ روپيه برباد ٿيڻ ڏي گهڻو افسوس ٿيو ۽ دل ئي دل ۾ ـنهن مسافرن کي پِٽڻ لڳو جن کيس ٻڌايو هو ته ڪاشگر ۾ صندل جو ڪاٺ سون جي اگهه تي ـوڪامندو آهي.

روپو چوڻ لڳو "پائي هاڻي ڏک ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو چڪو مونکي ـتوسان گهڻي همدردي آهي ۽ ڏنهنجي غريبيءَ ـتي رحم ٿو اچي. مان ڏنهنجو سڀ صندل جو ڪاٺ خريد ڪندس. ڏون مون سان ڪاشگر هل اُتي سون، چاندي ۽ هيرن ڪان سواءِ جا به شيءِ گهرنديں ـاُها صندل جي ڪاٺ جي وزن برابر ڏوري ڏيندس ليڪن هن وقت ڏون مونکي هڪ رسيد لکي ڏي ـته مون پنهنجو صندل جو ڪاٺ روپي سوداگر ـکي وڪرو ڪيو. شهر پهچي سون، چاندي ۽ هيرن ڪان سواءِ جو گهرندس سو سوداگر مونکي ڏيندو."

راضي ٿيا ۽ هنن سوداگر کي ڇڏي ڏنو.

ڇو ڪري نوجوان سوداگر کي سراءِ ۾ واپس وٺي آئي. ڪيس ماني ڪارايائين ۽ پوءِ پاڻ به کاڌائين. اُن بعد سوداگر کي ٻڌايائين ته هتي جي بدمعاشن جو دستور آهي ته هو هڪ هنڌ گڏ ٿي پنهنجي مڪارين ۽ دغابازين جا داستان پنهنجي ٻڍي اُستاد کي، جو انڌو آهي، ٻڌائيندا آهن ۽ اُهو ٻڍو جيڪا صلاح ڏيندو اٿن اُن تي عمل ڪندا آهن. تون ويس بدلائي انڌي جي جاءِ ۾ هليو وڃ ۽ هنن ماڻهن جون ڳالهيون غور سان ٻڌ. شايد تنهنجي مشڪلات جو ڪو حل نڪري اچي."

اُن ئي شام جو مدن بدمعاش جهڙو ويس بدلائي انڌي جي جاءِ تي پهتو ۽ هڪڙي هنڌ ويهي انهن جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌڻ لڳو.

سڀ کان پهرين روبي سوداگر انهيءَ انڌي کي پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ شروع ڪئي. انڌي اُستاد رسيد لکائڻ ۽ کاٺ جي عيوض سون، چاندي، هيرن جواهرن کان سواءِ ٻي ڪنهن به شي جي انجام ڪرڻ جو حال ٻڌ وته هو چوڻ لڳو، ارهه! دوست تون ته

انهيءَ سوداگر جي چئن چڱيءَ طرح ڄاتو آهي، سمجهه ڪٿي ته هو صندل جي ڪاٺ جي وزن جيترا لوڪان ريشم جا ڪينئان ڪوٺڙي، جنهن جو لولو هٿ ڪرڻ به مشڪل آهي ته پوءِ توهين ڇا ڪندين؟ ۽ جي توهان اهو نه ڏيئي سگهندين ته نه صرف توکي پنهنجو ڪاٺ واپس ڏيڻو پوندو، بلڪ ممڪن آهي ته هو توکان ڏنڊ به وصول ڪندو."

اُن ڪان پوءِ شطرنج راند ڪندڙ پنهنجي شرط جو حال ٻڌايو جو ٻڌي انڌو ڇوڪر لڳو "بيوقوف! تون به نوجوان سوداگر جي دوکي ۾ اچي ويئين. سمجهه ڪٿي ته هو نوجوان سوداگر پنهنجي شرط پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي رضامندي جو اظهار ڪندي سڄي سمنڊ جو پاڻي پيئڻ لاءِ راضي ٿو ٿئي ۽ اُن سان گڏ ائين چوي ته پهرين تون سڀني درياهن ۽ ندين کي روڪ ڇو ته اُهي سمنڊ ۾ پنهنجي اُنهي پاڻيءَ جو مقدار وڌائي رهيون آهن ته پوءِ تون ڇا ڪندين؟ نتيجو اهو نڪرندو جو تون هارائيندين ۽ هو ڪٽي ويندو."

اُن بعد ڪاڻي پنهنجي مڪاريءَ جو حال

ٻڌيو. انڊ و چوڻ لڳو "تو نوجوان سوداگر تي اڪ جي چوريءَ جو الزام لڳايو آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪانئس اڪ گهري رهيو آهين. سمجهه ڪٿي ته هو تو ڪي اڪ ڏينڻ لاءِ راضي ٿئي ۽ چوي ته پهرين تون پنهنجي اک ڪڍي تارازيءَ ۾ وجهه ته ڏسجي ته ٻنهي جو وزن برابر ٿئي ٿو يا نه ته پوءِ تون ڇا ڪندين؟ تو ته سوداگر تي اک جي چوريءَ جو الزام لڳائي خواهه مخواهه پنهنجو پاڻ تي مصيبت آندي آهي."

پنهنجي اُستاد جون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ دغاباز چوڻ لڳا "ليڪن اُستاد صاحب! اهو نوجوان سوداگر اهڙو هوشيار معلوم نٿو ٿئي جو اسانجي ڳالهين جو، اهڙو عقل جهڙو جواب ڏيئي سگهي. انهيءَ ڪري سياڻي اسين سڀ قاضيءَ جي عدالت ۾ هنني دعوا داخل ڪنداسين شايد اهڙي نموني اسانکي ڪجهه روپيا ملي پون."

اهو ٻڌي اُستاد کين دعوا داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني. مدن به اُتان کسڪي نڪتو. سراءِ ۾ اچي هن سراءِ واري ڇوڪريءَ کي سڄو حال اچي ٻڌايو. هوءَ ڏاڍو خوش ٿي. جيئن ته رات ڪافي

گذري چڪي هئي اُنهيءَ ڪري نوجوان سيٺي
فڪرن کان ڇوٽڪارو پائڻ بعد آرام سان سمهي پيو.
ٻئي ڏينهن بدمعاش نوجوان مدن خلاف
قاضي جي عدالت ۾ دعوا داخل ڪئي. نوجوان
سوداگر هنن جي هرڪنهن ڳالهه جو اهوئي جواب
ڏنو جو هُو ٻڌي اُنڌي کان ٻڌي چڪو هو.
بدمعاش لاجواب ٿي ويا ۽ مقدمو هارايائون.
قاضي سيٺي بدمعاشن کان نوجوان کي ڪيترو ڏنڊ
به ڏياريو ۽ مڪار روپي کان نوجوان سوداگر جو
سڀ ڪاٺ به واپس ڏياريو.

مدن ڪاٺ ۽ ڪيترا روپيا وٺي سراءِ ۾ آيو.
سراءِ واريءَ ڇوڪريءَ جا شڪرانا ڏنائين.
ڇوڪريءَ جڏهن هن جي ڪاميابيءَ جو حال ٻڌو
ته تمام گهڻو خوش ٿي.

سوداگر ٺڳن جي شهر ڇڏڻ ۾ ئي سلامتي
سمجهي ۽ اُٺ وٺي روانو ٿيو. ڇوڪري به ساڻس
گڏ هلڻ جو ارادو ڏيکاريو، ڇاڪاڻ ته اهو به اُن
شهر ۾ رهي ڪڪ ٿي پيئي هئي. سوداگر خوشيءَ
سان قبوليو ۽ ڪيس پنهنجي ڌرم جي ڌيءَ ڪري
ساڻ وٺي ويو.

---

# شاعر جي چونڊ

آڳاٽي زماني جي ڳالهه آهي. راجا پنهنجي نوجوان وزير کي چيو "اسان کي پنهنجي دربار لاءِ هڪ اهڙي شاعر جي ضرورت آهي، جو حقيقي معنيٰ ۾ شاعر هجي."

ٻئي ڏينهن وزير شهر ۾ منادي ڦيرائي ۽ ٽئين ڏينهن هڪ هزار هڪ آدمي وزير جي محل جي هيٺان بيٺا هئا ۽ چيائون ٿي ته اسين سڀ شاعر آهيون. وزير ايڪيهه ڏينهن انهن سڀني جا نظم ٻڌا ۽ معلوم ٿيس ته اُهي مڙيوئي رنگين لفظن ۽ سهڻن خيالن سان ڀريل هئا. منجهن ٻوليءَ جو زور ۽ دل کي موهڻ واريون تشبيهون هيون. مگر اُنهن سڀني ۾ اعليٰ ڪير سو فيصلو نوجوان وزير ڪري ڪين سگهيو. هن هڪ ڏينهن غور ڪيو، ٻيو ڏينهن غور ڪيو، ٽيون ڏينهن غور ڪيو، مگر ڪو فيصلو ڪري ڪين سگهيو. چوٿين ڏينهن هن ڪاغذ

ڏي هڪ هزار هڪ شاعرن جا نالا لکيا ۽ فهرست راجا جي خدمت ۾ پيش ڪئي.

راجا حيرت مان پڇيو "ڇا، هي سڀ شاعر آهن؟" وزير ادب سان سر جهڪايو ۽ آهستي جواب ڏنو "مون سندن ڪلام پڙهيو آهي ۽ اُن بعد هيءَ فهرست تيار ڪئي اٿم. اسان کي هڪ شاعر جي ضرورت آهي ۽ هيءَ هڪ هزار هڪ آهن. آءٌ چونڊ ڪري ڪين سگهيس."

راجا ڪلاڪ کن سوچ ويچار ڪري چيو "انهن سڀني کي قيد ڪريو ۽ ڪانئن سخت ۾ سخت پورهيو وٺو ۽ عام طرح شاهي حڪم پڌرايو ته آئينده جيڪو به شعر چوندو، تنهن کي ڦٽڪن جي سزا ڏياري اُڦت ماريو ويندو."

حڪم ڦهري هو. مگر وزير جو وس ڪهڙو؟ سڀني کي قيد ڪيو ويو. هاڻ رياست ۾ هڪ به شاعر نه هو ۽ نه ڪٿي شاعر ۽ شاعريءَ جو ذڪر ٿيندو هو. رياست جا ماڻهو انهن بيگناهن جي مصيبتن جون ڪهاڻيون ٻڌندا هئا ۽ سندن حالت تي افسوس ڪندا هئا.

ڇهن مهينن کانپوءِ راجا وزير انهن شاعرن جي قيد خاني ۾ ويو ۽ سندن ڪپڙن جي تلاشي ورتي.

هڪ هزار هڪ قيدين ۾ فقط هڪ سؤ هڪ اهڙا نڪتا، جن قيد۽بند جي انتهائي سختين۽سپاهين جي سخت نگهباني هوندي به رات جي وقت، جاڳي جاڳي پهريدارن کان لڪي لڪي شعر جوڙيا هئا ۽ ان امر جي ڏروبه پرواهه نه ڪئي هئي ته جي راجا کي اسانجي ڏوهه جو اطلاع ڏنو ويو ته سندس غصو ڀڙڪي اُٿندو ۽ اسان کي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪٽائي اُڦٽ مارائي ڇڏيندو.

راجا وزير کي چيو "تو ڏنو ته باقي نو سؤ آدمي شاعر نه هئا. هو ته ناموس۽ وڏائي جا بکيا هئا. انهن سڀني کي ڇهن مهنن جو پگهار ڏيئي آزاد ڪري ڇڏ. باقي هي هڪ سؤ هڪ آدمي ڪنهن حد تائين شاعر آهن. انهن کي عشرت محل ۾ رهايو وڃي ۽ سندن خدمت لاءِ سٺا خدمتگار مقرر ڪيا وڃن، ان لاءِ ته کين ڪنهن قسم جي تڪليف نه ٿئي. اُنهن لاءِ سڀ قسم جا سک سهنج ميسر ڪيا وڃن.

وزير ائين ئي ڪيو. هاڻ اُهي شاعر بهترين لباس پهريندا هئا، لذيذ کانا کائيندا هئا ۽ ڏينهن رات راڳ ناچ جي جلسن ۾ مشغول رهندا هئا.

رياست جا آدمي سندن عيش ۽ مؤجن جون کهاڻيون ٻڌندا هئا ته پنهنجي ڪم نصيبيءَ تي اُيا ساه ڀريندا هئا. ڇهه مهنا رکي راجا پنهنجي وزيرسان گڏ هڪسؤ هڪ شاعرن جي عشرت محل ۾ ويو ۽ سڀني کي پنهنجي حضور ۾ گهرائي چيائين "اوهان راحت، آرام، عيش خوشين جي ڦوه واري گذريل ڇهن مهنن جي عرصي ۾ ڪهڙا ڪهڙا شعر جوڙيا آهن، سي ٻڌايو اسين ٻڌڻ ٿا گهرون."

هڪ سؤ هڪ عيش پسند آدمين مان رڳو هڪڙو فقير آدمي نڪتو، جو عشرت محل جي راڳ ۽ ناچ جي جلسن ۾ شريڪ نه ٿيو هو ۽ اُن دؤران ۾ به پنهنجا خيال شعر ۾ پوئي رهيو هو. ٻيا شراب پيئندا هئا ۽ جهو ليندا هئا. هوُ اڪيلائي ۾ ويهي پاڻ ئي پنهنجا شعر پڙهندو هو ۽ خود ئي خوش ٿيندو هو، جئن جهنگل ۾ مور پاڻ ئي نچندو آهي ۽ پاڻ ئي ناچ ڏسي گد گد ٿيندو آهي.

راجا پنهنجي وزير کي چيو "هيءُ هڪ سؤ آدمي پڻ شاعر نه هئا. عيش جا غلام هئا. جڏهن قيد هئا، تڏهن سندن دل قيد خانه جي مصيبتن،

تي ڪڙهندي هئي. انهن جون اکيون قيد جي مصيبتن ۽ تڪليفن تي روئنديون هيون ۽ جئن تہ اُن وقت سندن زندگيءَ ۾ زندگيءَ جون بهاريون نہ هيون ان ڪري انهن ڏينهن ۾ ڪين پنهنجي حياتي مٺي نہ ٿي لڳي. تو ري ۾، اُنهن اُن وقت شعر چيا ۽ انهن ۾ پنهنجي قسمت جي انڌاري تي پُردرد طريقي ۾ ماتم ڪيو. ليڪن جڏهن اُهي ڏکن جا ڏينهن گذري ويا ۽ اُهي اونداهيون گهڙيون ختم ٿيون، تڏهن ڪين شعر ۽ شاعريءَ جو خيال بہ نہ رهيو. هي دکہ جي ڏينهن جا شاعر آهن، سکہ جي ڏينهن جا شاعر نہ آهن. انهن کي ڏکا ڏيئي ڏيئي مصلات کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

اُن ڪانپور ۾ مهاراجا اُن فقير بي پرواہ آدميءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو "هيءُ حقيقي شاعر آهي جو سکہ ۽ دکہ ٻنهي کي يڪسان ٿو سمجهي. هيءُ زندگيءَ جي سهائي رائين ۾ بہ شعر ٿو چوي ۽ موت جي اونداهين پاڇن ۾ بہ شعر ٿو چوي. شعر چوڻ سندس فطرت (سڀاءُ) آهي سندس جان آهي ان ڪانسواءِ رهي ڪين سگهندو. هيءُ

ئي هڪ هزار نڪرين ۾ هيرو آهي. اسين ڪيس اچ کان پنهنجو دربار ڪوي مقرر ٿا ڪريون. اسين ڪيس منهن مانگي لنخواه ڏينداسون. سندس ڪم فقط اِهو ٿيندو ته ڏهاڙي دربار ۾ اچي اسان کي رڳو هڪ شعر ٻڌائي وڃي.

شاعر دربار ۾ وڃي راجا کي، هڪ ڏينهن شعر ٻڌايو، ٻئي ڏينهن شعر ٻڌايو، ٽئين ڏينهن شعر ٻڌايو. چوٿين ڏينهن استيفعا لکي موڪلي ڏني ته مون کان اِها پابنديءَ جي شاعري ڪين پڄندي.

نوجوان وزير چيو "هيءُ شخص ڪهڙو نه بد قسمت آهي. مگر مهاراجا جواب ڏنو" هيءُ سچو شاعر آهي. جيڪڏهن اچ لنهنجو پيءُ يعني منهنجو پهريون وزير حيات هجي ها، ته هن شخص جا پير پڪڙي ها. هيءُ شاعر دربار ۾ اچي يا نه اچي، مگر هن جي لنخواه، سندس گهر باقاعدي پهچندي رهي."

نوجوان وزير راجا جي عقل ۽ قدرانيءَ جو قائل ٿي ويو.

(سدرشن)

# باندرن جو قلعو

هڪڙو شهر هو. ان شهر جي ٻاهران هڪڙو جهنگل هو جنهن ۾ هر وقت پکين جون لاتيون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون.

اُنهيءَ شهر مٿان بادشاهه جي حڪومت هوندي هئي. ۽ انهيءَ جهنگل ۾ باندرن جي. جيڪي بادشاهه ڪندو هو اُن جو نقل باندر ڪندا هئا. بادشاهه هڪڙو عاليشان قلعو ٺهرايو ته باندرن به هڪ قلعو ٺاهڻ شروع ڪيو.

ان بادشاهه کي هڪڙي ڌيءُ هوندي هئي. انجو نالو هو گلنار. هوءَ نيڪ ۽ سباجهي شهزادي هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن هوءُ ڀنڀوريءَ جي پٺ وٺندي پنهنجي محل جي ڪڏ ڏي چڙهي ويئي. ڪڏ تي اينديئي هن هڪ عجيب شيءِ ڏٺي، جا ڏسي هن ڀنڀوريءَ جي پٺ به وساري ڇڏي. اُها شيءِ هئي باندرن جو قلعو. تمام عجيب، تمام

خوبصورت.

۽ اهو ڏسي ته باندرن هڪ عجيب قلعو ناهيو آهي شهزادي گلنار سوچيو ته جيڪر مان انهيءَ قلعي ۾ وڃي سگهان، ڇو ته اُهو ڏاڍو سندر ۽ تمام پيارو هو. قلعو ٽڪريءَ تي اڏيل هو، پر چاڙهي اهڙي اٽانگي، جو ڪو به ماڻهو مٿي چڙهي نه سگهي.

جڏهن شهزادي قلعي کي ڏسي رهي هئي ته قلعي جي هڪڙي باندر کيس پنهنجي قلعي ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائيندو ڏسي ورتو. انهيءَ باندر اچڻ لاءِ کيس اشارو ڪيو.

شهزادي ڏڪي ويئي ۽ پريان ئي چيائين "مان نه ايندس." ۽ پوءِ ڊوڙي هيٺ آئي، ڇو ته کيس ڊپ هو ته باندر کيس کڻي ويندا. جڏهن هوءَ محل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پهتي تڏهن سندس ننڍڙي دل خوف کان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. هوءَ يڪدم پنهنجي ريشمي رضائي ڍڪي سمهي پيئي.

هو ڏانهن باندر فيصلو ڪري چڪا هئا ته هو پنهنجي قلعي ۾ ضرور شهزاديءَ کي آڻيندا. اُن

ڪري شهزاديءَ جي محل جي چوطرف گهمڻ لڳا. باد شاه اُنهي ڏينهن محل ۾ ڪونہ هو. راتي بہ مٿي ۾ سور هئڻ سبب پنهنجي ڪمري ۾ دروازو بند ڪري ليٽي پيئي هئي ۽ نوڪرائيون باغ ۾ راند ڪرڻ هلي ويئون هيون. انهي ڪري باندرن کي موقع ملي ويو.

شهزاديءَ جي ڪمري جي دري جهنگل طرف کليل هئي. هوُ يڪدم دريءَ مان ڪمري ۾ اندر داخل ٿيا ۽ سهڻيل شهزاديءَ کي بخمل جي نرم نرم ڪپڙي ۾ ويڙهي کڻي ويا.

ٻئي ڏينهن جڏهن صبوح جو شهزاديءَ جي اک کلي تڏهن ڏٺائين تہ هوءَ باندرن جي قلعي ۾ بند آهي. قلعي ۾ کاڌي پيتي جو سڀ سامان موجود هو. البت ڪو بہ باندر ڏسڻ ۾ نٿي آيو.

شهزادي قلعي جو سير ڪرڻ لڳي. هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳي ۽ آخر هڪڙيءَ دريءَ وٽ پهتي. انهيءَ دريءَ مان سندس شهر ۽ محل صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيو. شهزادي دريءَ جي ويجهو بيهي زور زور سان روئڻ شروع ڪيو. هوءَ روئندي ٿي ويئي ۽ اُن سان گڏ اهو بہ چوندي ٿي ويئي

"ڪو منهنجي مدد ڪري، ڪو منهنجي مدد ڪري."

هن انهيءَ قلعي جو سير ته ضرور ڪرڻ ٿي چاهيو ليڪن اهو هرگز نٿي چاهيو ته هوءَ سڄي عمر اُن ۾ قيد هجي.

اُن وقت شهر ۾ گهڻا ماڻهو سجاڳ ٿي چڪا هئا ۽ باندرن جي قلعي ڏانهن نهاري رهيا هئا. خود بادشاه به هڪڙي مٿاهين هنڌان پڻ پنهنجي ڌيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو. اُهين ٿي معلوم ٿيو ته پنهنجي ڌيءَ کي واپس آڻڻ جي تجويز سوچي رهيو هو.

بادشاه کي اُٿي بيٺو ڏسي سڀ امير، وزير ۽ درباري به اُٿي اچي ڪٺا ٿيا ۽ جهڙيءَ طرح بادشاه قلعي ڏانهن نهاري رهيو هو اهڙيءَ طرح هو به ڏسڻ لڳا. جڏهن بادشاه ۽ امير وزير قلع ڏانهن نهاري ٿڪا تڏهن سڀ هڪڙي هنڌ ويهي رهيا ۽ اِهو فيصلو ڪيائون ته جهنگل جو سڀ ڪاٺ وڍي هڪ تمام ڊگهي ڏاڪڻ تيار ڪئي وڃي ۽ اُنهيءَ ڏاڪڻ جي مدد سان شهزاديءَ کي هيٺ آندو وڃي. ٻئي ڏينهن اُها ڏاڪڻ،

جا هڪ ميل ڊگهي هئي، قلعي سان لڳائڻ جي
ڪوشش ڪئي ويئي ليڪن قلعو اهڙو ته مٿي
هو جو اُها ڏاڪڻ ڪنهن به طرح شهزاديءَ جي
دريءَ تائين پهچي نه سگهي. اهو ڏسي بادشاه
غصي ۾ اچي اُها ڏاڪڻ جلائي ڇڏي. اهڙي طرح
ست ڏينهن گذري ويا ۽ شهزاديءَ کي واپس آڻڻ
جي ڪا به تجويز نه سوجهي ويئي. هيڏانهن
شهزاديءَ جي اها حالت هئي جو روئي روئي
هن پنهنجو حال برو ڪري ڇڏيو هو. ستين
ڏينهن سندس مٿي ۾ هڪ پٽي بہ بڌل ڏسڻ
۾ آئي. سڀني ماڻهن سمجهيو ته هن اُها پٽي
مٿي ۾ سور هئڻ سبب ٻڌي آهي ۽ اهو سور
گهٽي روئڻ سبب ٿيو آهي.

انهيءَ شهر جي ويجهو هڪ پهاڙيءَ تي هڪ
ننڍو ڇوڪرو رهندو هو. هُو هر وقت هٿ ۾ تير
ڪمان کڻي جهنگل ۾ نشان چٽڻ جي مشق پيو
ڪندو هو. ۽ نيٺ ايتري قدر ته پڪو ٿيو جو شهر
۾ ڪو بہ ماڻهو تير اندازيءَ ۾ سندس مقابلو نٿي
ڪري سگهيو.

اتفاق سان اُهو ڇوڪرو بزار ۾ روٽي خريد

ڪرڻ آيو. جڏهن هن ڏٺو ته سڄو شهر شهزاديءَ لاءِ پريشان ٿي رهيو آهي، بادشاهه پنهنجي ڌيءَ لاءِ روئي رهيو آهي ۽ راڻي محل ۾ بي هوش پيئي آهي ته هوءَ باندرن جي قلعي جي هيٺان آيو. شهزاديءَ کي دريءَ ۾ بيٺل ڏسي هن هڪ ٺهڪ ڏنو ۽ بادشاهه وٽ پهچي ڪيس دلجاءِ ڏيئي چيائين "مونکي ريشم جو مضبوط ڌاڳو ۽ هڪ نوڙ گهرائي ڏيو. مان شهزاديءَ کي هيٺ آڻيندس."

اِتي ڪهڙي دير هئي. ويهه ويهه ماڻهو ريشمي ڌاڳو ۽ نوڙ آڻڻ لاءِ ڊوڙيا.

هاڻي ڇوڪري بادشاهه کان پينسل ڪاغذ ورتو ۽ شهزاديءَ ڏانهن هڪ چٺي لکي ته مان ريشمي ڌاڳو تنهنجي دريءَ تائين پهچائيندس انهي ڌاڳي کي تون پاڻ ڏانهن ڇڪيندي وڃج. اُن ڌاڳي جي پڇاڙيءَ سان مضبوط نوڙ ٻڌل آهي. اُنهيءَ نوڙ کي قلعي جي ڪنهن ڪمري جي ٿنڀن سان ٻڌج. مان قلعي ۾ اچي تنهنجي حياتي بچائيندس.

هاڻي ڇوڪري باريڪ ريشمي ڌاڳي جو هڪ پاسو پنهنجي تير سان ٻڌو ۽ شهزاديءَ کي پري هٽڻ جو اشارو ڪيو. هن دريءَ جو نشان وٺي تير

اُڇليو جو برابر وچي دريءَ کي لڳو. ٿير سان گڏ چٽي به ٻڏل هئي، جا پڙهي شهزاديءَ ڏاڍو ڇڪڻ شروع ڪيو. ڏاڍي جي ڇپاڙيءَ واري سري سان نوڙ ٻڌل هو. ڇڪيندي ڇڪيندي اُهو به شهزاديءَ جي هٿ لڳو.

ٿوري وقت بعد شهزاديءَ نوڙ جو هڪ پاسو ٿنڀي سان ٻڌي واپس دريءَ وٽ اچي بيٺي. هاڻي ڇوڪري نوڙ جي مدد سان مٿي چڙهڻ شروع ڪيو ۽ اڌ ڪلاڪ جي اندر دريءَ وٽ وڃي پهتو. شهزاديءَ اڳتي وڌي سندس هٿ جهليو ۽ ڇوڪري وڃي شهزاديءَ جي ڪمري ۾ ٽپ ڏنو. هاڻي ڇوڪري شهزاديءَ کي پنهنجي ڪلهي تي وهاريو ۽ نوڙ جي مدد سان هيٺ لهڻ شروع ڪيو. هيٺ بيٺل ماڻهن تاڙيون وڄائي شور مچائي سندس حوصلو ٿي وڌايو ۽ ٿورن ئي منٽن ۾ هو اچي هيٺ پهتو. ماڻهو خوشيءَ کان ڇوڪري کي ڪنڌ تي کڻي نچڻ لڳا. بادشاهه به پيار مان ڇوڪري جي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ پوءِ شهزادي، ڇوڪرو ۽ بادشاهه محل ۾ پهتا. شهزادي گلنار جي واپس اچڻ ڪري بادشاهه ۽ راڻي ڏاڍو خوش

ٿيا. هنن ڇوڪري کي تمام گهڻو انعام ڏنو شهزادي
فيصلو ڪيو ته هوءَ ان ڇوڪري کي پنهنجو پاڻ
ڪندي ڇو ته ڪنهن ڪو به پاڻ نه هو. بادشاهه راڻي
۽ شهزادي کي موڪل ڏني ته پل هوءَ انهي ڇوڪري
کي پنهنجو پاڻ ڪري.

جيڪڏهن ڪو به ڪانئن پڇندو هو ته هن بهادر
ڇوڪري جو ماءُ پيءُ ڪير آهي، ته هوءَ چوندا هئا
اسين آهيون پيو ڪير آهي. ڇوڪرو اهو ٻڌي
ڪٺي مشڪندو هو.

اصل مصنف
راج مهدي علي خان

# نيڪ دل راجا

هڪڙو ڪبوتر جنهن جي، هڪ باز پٺ ورتي رهيو هو ۽ جو ڏاڍو ٿڪجي پيو هو، ڪاشيءَ جي نيڪدل راجا جي سيني سان اچي چهٽيو انهيءَ لاءِ ته راجا کيس بچائي. راجا کيس پنهنجي سيني سان لڳائي پيار ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ”پيارا ڪبوتر تنهنجي ننڍڙي دل خوف کان ڇو ڌڙڪي رهي آهي؟ تون مون وٽ سوگهو آهين. ڊپ نه ڪر. دل جاءِ ڪري ساهه کڻ. منهنجي حڪومت تمام وڏي ۽ شاندار آهي پر انهيءَ سلطنت کي ڇڏي ٿو سگهان ليڪن پنهنجي ننڍي مهمان سان دغا ڪري نٿو سگهان.“

باز سهڪي رهيو هو ۽ پنهنجي شڪار کي جهٽڻ لاءِ تمام بيتاب هو. هو راجا ڏانهن غصي مان نهاري چوڻ لڳو ”مهاراج! اهو ڪبوتر منهنجو آهي. مونکي سڄي ڏينهن جي تلاش ۽ بک

ٻوڙ کان پوءِ مليو آهي. هيءُ منهنجي کائڻ لاءِ آهي. توهانجي حفاظت لاءِ نہ آهي. جيتوڻيڪ توهين انسانن تي حڪومت ٿا ڪريو تہ مان پکين جو بادشاهہ آهيان. سڀ پکي منهنجي رعيت آهن. ٻکر ۽ پياس کان منهنجو حال خراب آهي. مان اهو ڪبوتر ضرور کائيندس، ڇو تہ مان ٻک ۽ پياس ڪري غش کائي ڪرڻ تي آهيان. توهان کي ڪهڙو حق آهي جو توهين هڪ شڪاريءَ پکيءَ کان سندس کاڌو ٿا کسيو؟ ٻڌو اٿم تہ توهين مشهور ۽ انصاف پسند حاڪم آهيو پوءِ توهين مون سان ڇو ٿا بي انصافي ڪريو؟"

راجا چوڻ لڳو "تو لاءِ هرڻ جو گوشت گهرائي ٿو سگهجي. ٻڪرو ماري ڏيو سگهجي ليڪن منهنجو ويڪ مونکي پنهنجي مهمان ڪبوتر سان دغا ڪرڻ لاءِ روڪي ٿو. ڏس هوُ پنهنجي سنڀاليندڙ جي سيني سان ڪيئن نہ چنبڙيو پيو آهي."

باز چوڻ لڳو "نہ مونکي هرڻ جي گوشت جي ضرورت آهي ۽ نہ ٻڪر جي. باز ڪبوتر جو ڳي شت کائڻ پسند ڪندو آهي. جيڪڏهن توهان

جي دل ۾ ڪبوتر لاءِ ايترو پيار پيدا ٿي ويو آهي. ته توهين پنهنجي ٻانهن مان ڪبوتر جي تور جيترو گوشت وڍي مونکي ڪارايو."

راجا يڪدم هڪڙو تيز خنجر گهرايو. ٽارازيءَ جي هڪڙي پڙ ۾ ڪبوتر وڌائين ٻئي پڙ ۾ پنهنجي ٻانهن جو گوشت وڍي وڌائين. راجا جي ٻانهن مان رت جي ڌارا وهڻ لڳي. محل جون زالون راجا جي هيءَ حالت ڏسي رڙيون واڪا ڪري روئڻ لڳيون. راڻي بيهوش ٿي ويئي.

اهو ڏسي راجا جي حيرت جي حد نه رهي ته ٻانهن جو ڪيترو گوشت پڙ ۾ رکندي به ڪبوتر وارو پڙ ڳورو هو. راجا هاڻي پنهنجي ٻيءَ ٻانهن جو گوشت وڍي ٽارازيءَ جي انهيءَ پڙ ۾ وڌو. ڪبوتر وارو پڙ تڏهن به ڳورو هو. هاڻي راجا پنهنجي سيني جو گوشت وڍي پڙ ۾ وڌو ليڪن افسوس ڪبوتر وارو پڙ تڏهن به ڳورو هو! راجا بيهوش ٿي ڪري پيو. ليڪن ڪرڻ کان اڳ هن پنهنجي وزير کي چيو ته هاڻي مان هوش ۾ نه هوندس منهنجي بدن جو سمورو گوشت پڙ ۾ رکيو وڃي ايستائين جيستائين اهو ڪبوتر جي تور

برابر ٿئي.

هاڻي راجا جو نالو نشان نہ رهيو. سندس گوشت، هڏا ۽ رت پٽ ۾ هو. اوچتو بادلن جي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آئي. بجلي ڏڪائيندڙ آواز پيدا ڪري چمڪڻ لڳي. آسمان اونداهو ٿي ويو ائين ٿي معلوم ٿيو ڄڻ تہ زمين ڏڪي رهي آهي.

اوچتو ڪبوتر ڦري هڪ ديوتا ٿي پيو. سندس هٿن ۾ ڪنول گلن جا هار هئا. هن راجا جي لاش تي امرت ڇڻڪايو تہ راجا مشڪندو اُٿي کڙو ٿيو. پوءِ ديوتا کيس ٻڌايو تہ هو ڌرم جو ديوتا آهي ۽ راجا جي پريکيا وٺڻ آيو هو. ڌرم ديوتا راجا جي ڌرم ۽ ديا ڀاوَ ڏسي نهايت پرسن ٿي کيس آشيرواد ڏيئي گم ٿي ويو.

راج مهدي علي خان

هاسو - ايم - ڪرپالاڻي

# بکوات جو قل

نرملا جڏهن ڪوڪم ڪندي هئي تہ سندس ذيءُ شياما هر ڪنهن ڳالهہ ۾ وچ ۾ ٽپي پوندي هئي. جڏهن نرملا جي ڪا پاڙيسرياڻي يا ساهيڙي سندس گهر ايندي هئي ۽ ڪي ڳالهيون ڪندي هئي تڏهن شياما وچ ۾ ڳالهائڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندي هئي.

نرملا جي گهر پرسان ئي سندس ساهيڙي للتا رهندي هئي. ڪجهہ مهنا ٿيا هئا جو هنن نرملا کان پنجاهہ روپيہ اُڌارا ورتا هئا. نرملا جڏهن للتا کان روپيہ گهرندي هئي تہ للتا ڪا نہ ڪا ڳالهہ ٺاهي کيس ٽاري ڇڏيندي هئي. گهڻي ڇوڙ بعد چوندي هئي "ڀيڻ، ڇا ڪريان، هٿ تنگہ آهي. ٻئي مهني ۾ سڀ چڪائي ڏيندس." ائين چوندي چوندي ٻيو مهنو بہ گذري ويندو هو. نرملا ڏاڍو تنگہ ٿي آخر هن پنهنجا

روپيہ کيڻ لاءِ هڪڙو نئون ڍنگ سوچيو.

هڪڙي ڏينهن سندس گهر سندس مڙس جا ڪجهہ دوست آيا. هن سوچيو تہ اچ سٺو موقعو آهي. هن بهاني سان جيڪڏهن للتا کان روپيہ گهرندس تہ شايد مونکي روپيہ ملي پون. هوءَ شياما کي وٺي سندس گهر آئي ۽ للتا کي چيائين ”ڀيڻ، اڄ روپيہ ضرور کپن. منهنجي گهر مهمان آيا آهن اُنکري روپيہ وٺڻ آئي آهيان.“ للتا کي ڪجهہ شرم آيو. هن چيو ”پنجويهہ روپيہ مون وٽ آهن. اهي وٺ، باقي پوءِ ڏينديس.“ للتا اندر وڃڻ کي هئي تہ شياما ماءُ کي چيو ” امان، رات بابا لوکي سؤ روپيہ ڏنا هئا اُنهن مان ڪم ڇو نٿي هلائين؟“ ماءُ کي ڏاڍي لڄ آئي. شياما سندس ڏهيل ڏکيل ڪم ڦٽائي ڇڏيو. ماءُ گهر اچي کيس ٿماڪ گهٽي مار ڏني ۽ کيس سمجهايائين تہ وري ڪڏهن بہ ائين نہ ڪج.

(۲)

انهيءَ ڳالهہ کي هڪڙو سال گذري ويو. شياما جي سڀاوَ ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو. هن پنهنجي

عادت نہ ڇڏي. شياما وڏي ٿي تہ سندس ماءُ پيءُ کي سندس شاديءَ جي چنتا ٿي. گھوٽ جي ڳولا ٿيڻ لڳي. هڪڙي سٺي گهر جو گهوٽ مليو. وهانءَ جي ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي. جڏهن سڀ ڳالهيون ٺيڪ ٿيون تہ گهوٽيتن وٽان نائي سڳڻ کڻي آيو. ماءُ ڇوڪريءَ کي اڳيئي اندر موڪلي ڇڏيو، جئين هوءَ وچ ۾ نہ ڳالهائي.

شياما اندر ماني کائڻ ويٺي. اُن وقت سندس ڏالهيءَ اڳيان هڪڙو ڪينئون وچي رهيو هو. شياما اهو ڏسي واڪا ڪرڻ لڳي "ماريو بدمعاش کي. هٿ بہ اهي نڪتو آهي." ماءُ کيس اشاري سان منع ڪرڻ لڳي. نائيءَ سندس ماءُ کان پڇيو" اندر ڪير ڳالهائي رهيو آهي؟" نرملا ڪنهن ٻيءَ زال نالي ٻڌائي ٽاري ڇڏيس. نائي گهر موٽيو. ڪنهن طرح اِهو گهمسان ٽري ويو.

(٣)

ٻن ٽن مهنن کانپوءِ وهانءَ جي پڪ ٿي. گهر ۾ وهانءَ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ماءُ شياما کي هميشہ سکيا ڏيندي هئي. "ڪڪي! وچ ۾ نہ ڳالهائڻ گهرجي. اِها عادت لوڪي اچا ڪائين

آهي. هينئر ڏوڪي ساهري گهر وڃڻو آهي. ڏاڙهي گهر جي ننهن ٻڻجڻو آهي. پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪر. ڏسج ۽ متان پنهنجي ڪُل کي داغ لڳي."

اڄ شياما جي شادي ۽ سبب گهر ۾ خرب چهل پهل آهي. وواهه جي سڄي سامگري هڪ هنڌ رکي ويئي آهي. ماتا اڄ ڏي ۽ کي گهڻو ئي سمجهايو "ڪڪي! اڄ سانت ڪري ويٺي رهج. ڪوڪجهه ٻه چوي لاڏهن ٻه ڏون ڪو جواب نه ڏج."

رات ٿي. ڄڃ ڏاڍي ڌوم ڌام سان گهر آئي. آتشبازي ٻرڻ لڳي. ڍهل وڄڻ لڳا. گهوٽ گهوڙي ۽ سوار هو. محلي جون استريون ۽ گهر جا سڀ مٽ مائٽ گهوٽ ڏسڻ لاءِ ڏڪا ڏوڪي ڪري رهيا هئا. گهوٽ جي ٻوچڻي هوا لڳڻ سبب هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي رهي هئي. شياما ماڙي ۽ تي دري ۽ مان سڀ ڪجهه ڏسي رهي هئي. هو ۽ اُليئي ويٺي چوڻ لڳي "هن ڏاڏڻ کي چوڻ بنا رهي نٿي سگهان. گهوٽ سان ٻه هن وقت مستي نه ٿي چڏي. لاهي اُچليندس."

اِهو آواز ٻڌي سڀ مٿي نهارڻ لڳا. هاءِ! هيءَ ڇوڪري ڪاريهر ڪير اهڙا ڪُوچن ڳالهائي رهيو آهي؟ اُليئي هڪڙيءَ استريءَ چيو ”اِها ڇوڪري ئي ته ڪنوار آهي.“

گهوٽ جو پيءُ اهو ٻڌي آڳبگولا ٿي ويو. ”اڙي! منهنجي پٽ جي ڪاريهر ڇوڪري اهڙا ڪنوروچن. هيءَ ڇوڪري آهي يا ڏائڻ؟ باقي ڪابه ڪسر نه ڇڏي اٿس. اهڙيءَ ڇوڪريءَ کان اسان ڏوبهه ڪئي. اڃان ته هن شادي ڪونه ڪئي آهي. شادي بعد نه معلوم ڇا ڪندي؟“

ماٺهن گهوٽ پيءُ کي گهڻوئي سمجهايو. ته ڇوڪري اڃا ٻار آهي. هن جي ڳالهين کي خراب نه سمجهو. ڇوڪريءَ جي ماءُ معافي گهري. گهوٽ جي پيءُ اڳيان هٿ جوڙيائين پر هن هڪ به ٻڌي. ڄڃ وٺي موٽي ويو. شيلاما ڪنواري رهجي ويئي. سچ چيو اٿن ته لڄ زالن جو زيور آهي.

## ٻَہ ڏئون ڏئون

ڪسان پور ۾ ٺاڪرن جا تمام گهڻا گهر هئا. پهرين ٺاڪر تمام وڏا زميندار هئا، پر پوءِ زماني جي گردش سبب ويچارا غريب ٿي پيا هئا. ٻن ڇئن ڪانسواءِ ٻين سڀني گذران لاءِ کيتي ڪرڻ شروع ڪئي هئي.

اُنهن ٺاڪرن ۾ بلونت سنگهه نالي هڪڙو ٺاڪر هو. بلونت سنگهه جيتوڻيڪ غريب هو، تہ بہ پاڻ کي هميشه شاهوڪار سڏائيندو هو. کيس رگهوناٿ نالي هڪڙو پٽ هو. رگهوناٿ پڙهيو اصل ڪين هو. مگر پيءُ جي چالاڪيءَ سبب سندس شادي هڪ وڏي خاندان مان ٿي. سندس سهرو وڏو زميندار هو ۽ سندس سالا وڏين وڏين نوڪرين ۾ بيٺل هئا.

هڪ دفعي رگهوناٿ خيال ڪيو تہ جيڪر ساهري وڃان تہ ڏاڍو سٺو. هن پنهنجي پيءُ

سان اها ڳالهہ ڪئي. ٻڌس چيو، ”پلي ساهري وچ. ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي مگر هڪڙو خيال ڪج. ٺڪر تنهنجا ساهرا وڏا ماڻهو آهن. اُلٽي وچي اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ڪج جنهن مان اسانجي بدنامي ٿئي. خوب سوچي سمجهي هلجانءِ جئن ڪير بہ ائين نہ سمجهي تہ اسين ڪو غريب آهيون.“

رگهوناٿ چيو، ”اوهين انهيءَ ڳالهہ کان چِٽا آهيو.“ بلونت سنگهہ ڪنهن کان گهوڙو اُڌارو ورتو، ڪنهن کان ڏوڙي، تہ ڪنهن کان انگرکو. اهڙي طرح پنهنجي سڄي پٽ کي ٺاٺ بڻائڻ لاءِ هن سمورو سامان ڪٺو ڪيو.

بلونت سنگهہ خيال ڪيو تہ رگهوناٿ سان هڪ نوڪر بہ ساڻ هئڻ گهرجي. اِهو سوچي هو حجم جي گهر ويو ۽ کيس رگهوناٿ سان گڏ وڃڻ لاءِ چيائين. حجم کي تہ اهڙا وجهہ گهربا هئا. هٿ جوڙي چيائين، ”سرڪار! مان تہ هردم حاضر آهيان.“

ٺاڪر صاحب سمجهي تہ ويو هيءَ خوشامد انهي ڪري ٿي رهي آهي جو حجم کي رگهوناٿ

جي ساھرن مان مالن ملڻ جي اميد آھي. آخر حجم گھوڙي تي سنج وجھي کيس سينگارڻ لڳو ته رگھوناٿ به اُڏارا ورتل ڪپڙا پائي تيار ٿيو ۽ گھوڙي تي چڙھي ساھرن ڏي ھلڻ لڳو.

ھلڻ وقت بلونت سنگھه حجم کي چيو، ”پائي! تون نه وڏن وڏن گھرن ۾ پيو اچين وڃين. سو وقت بوقت رگھوناٿ جي سنڀال پيو ڪج متان ساھرن ۾ اسانجي پت وائڪي ڪري ڇڏي.“

حجم وراڻيو، ”سرڪار! ھيءَ اوھين ڳالھيون ڪھڙيون پيا ڪريو. توھين ڪو گھٽ خاندان جا ماڻھو ٿوروئي آھيو. اوھين ڪو به خيال نه ڪريو. مان رگھوناٿ کي سڀ ڪجھه سمجھائي ڇڏيندس.“

حجم جي ڳالھه ٻڌي بلونت سنگھه ڏاڍو خوش ٿيو. رگھوناٿ گھوڙي کي چٻي ڏني ۽ ساھري گھر رخ رکيائين. اڳيان اڳيان گھوڙي تي رگھوناٿ ھلڻ لڳو ۽ پٺيان حجم سامان سڙو ڪلھي تي رکي پٺيءَ ھليو. ھلندي ھلندي حجم چيو ”ناڪرصاحب! اوھين وڏي گھر ھلي رھيا

آهيو، سو به ناني ٻڌجي. سو اهڙيءَ طرح سوچي سمجهي هلجو جو ڪين اها خبر اصل نه پوي ته اوهين غريب آهيو."

رگهوناٿ چيو، "ڀائي! ڀلا ٻڌاءِ ته اُتي ڪئن هلان چلان" حجم چيو، "ڀهرين ڳالهه ته اٿي ڪنهن سان گهڻو نه ڳالهائجو. ٻيو ته ڪو به ڪم پنهنجي هٿ سان نه ڪجو. ايتري قدر جو پاڻيءَ جو گلاس به نه ڪڍجو. سڀ ڪم نوڪرن کان ڪرائجو. ٽين ڳالهه ته کاڌو تمام ٿورو کائجو."

شام جي وقت رگهوناٿ ساهري گهر پهتو. ساهرن نانيءَ جي خوب آجيان ڪئي. رات جو رگهوناٿ اندر کاڌو کائڻ ويو. هڪ وڏي چانديءَ جي ٿالهه ۾ سندس لاءِ ڀوڄن ڪڍي آيا. ان ۾ قسمين قسمين ڀاڄيون ۽ مربا رکيل هئا. هڪ ڪٽوري ۾ ملائي ۽ ربڙي رکيل هئي ۽ هڪڙيءَ ٿالهيءَ ۾ تمام سنهڙيون چار پوڙيون رکيل هيون. رگهوناٿ آهستي آهستي اهي پوڙيون کائڻ لڳو. سندس سس پاسي ۾ ويهي ڪيس وڃڻو هڻي رهي هئي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سسڻس چيو، ”پٽ! ٻيو ڪجهه کپيئي؟“ رگهوناٿ وراڻيو، ”نڪو.“

”هڪڙي وڏيڪ ٻوڙي ته کاءِ.“ چوندي سسڻس زوريءَ هڪڙي ٻوڙي ٿالهيءَ ۾ رکي. رگهوناٿ خيال ڪيو ته ٿالهيءَ ۾ ٻڇاڙيءَ جو ڪجهه ڇڏڻ به گهرجي انهي ڪري هن اُها ٻوڙي ٿالهيءَ ۾ ڇڏي ڏني. سسڻس چيو، ”پٽ! تون ته لڄارو ٿو ڏسجين. ڪجهه ڪين کاڌو اٿيئي.“

رگهوناٿ چيو، اِمي! پيٽ ڀرجي ويو آهي.“

هو ڏانهن ٻاهر حجم خوب پيٽ ڀري کائي رهيو هو. ربڙيءَ ۽ ملائيءَ جا ڪٽورائي ڪٽورا خلاص ڪندو ٿي ويو. رات جي وقت ساهرن رگهوناٿ جو بسترو مٿي ڪڏ تي وڇايو. هڪ عاليشان پلنگ تي ريشمي گاديلا ۽ وهاڻا رکيا هئائون. حجم کي ساڻ وٺي رگهوناٿ مٿي آيو. حجم پٽ تي ئي ليٽي پيو. ٻلا هن کاڌو هو گهڻو ۽ آيو به هو پنڌ ڪري سو جهٽ پٽ کونگهرا هڻڻ لڳو. مگر رگهوناٿ کي ننڊ ڪٿان ٿي اچي؟ سندس پيٽ ۾ ته ڪوئا ٻوڙي رهيا هئا.

بکم سبب هو ڀاسا وراڻ لڳو. جڏن ٽڻن ڪري
ٻه ٽي ڪلاڪ گذاري ڀائين. اڌ رات گذري. گهر جا
سڀ ڀاتي سمهيا پيا هئا. رگهوناٿ وڏيڪ بک
سهي ڪين سگهيو. هن حجم کي آهستي آهستي
اٿاري چيو، "اڙي ايتري ۾ سمهي ٻه پئين ڇا؟
هڪ ڳالهه ٻڌ."

حجم اکيون مهٽيندو اٿي کڙو ٿيو. چيائين،
"ڪهڙو حڪم آهي، سرڪار!"

رگهوناٿ چيو، "اڙي يار! مونکي ڏاڍي
بک لڳي آهي. ڪو ن ڪجهه بلو ڪر."

حجم حيران ٿي چيو، "هنوقت مان ڇا
ڪري سگهندس؟" رگهوناٿ چيو، "ڀائي!
ڪٿان ٻه ڪاڏي جو بندوبست ڪر. منهنجو ٻه
ساه ٿو اڪري."

حجم چيو، سرڪار! هڪڙو اُپاءُ آهي. مون
اوهانجي سس کي رنڌڻي جي ڇڪي ۾ پوڙيون
رکندو ڏٺو آهي. ڪنهن طرح اهي پوڙيون هٿ
ڪرڻ گهرجن."

رگهوناٿ چيو، "ڏيو ن ته مون ٻه هيون.

پر رنڊڙي ۾ پهچجي ڪئن ؟"

ڌرم چيو، " اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي ؟ مان نوڙي هيٺ لڙڪايان ٿو. اوهين ان رستي هيٺ لهي وڃو. پوڙيون ڪٽي پوء اوهين نوڙي چيلهه ۾ ٻڌي، انکي لوڏجو ته مان اوهانکي مٿي ڇڪي وٺندس."

رگهوناٿ پڇيو "پر ڪير جاڳي پوي ته پوء؟ ڌرم وراڻيو " اوهين جوان آدمي ٿي ھــي ڪهڙيون ٻاراڻيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو؟ گهر جا پالي اچا سمهيائي هيئئر آهن سو ايتري ۾ جاڳي ٿورئي پوندا. خيال نه ڪريو اميد ته ڪنهن کي خبر ڪانه پوندي ۽ ڪم ٻڌجي ويندو."

ڌرم جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي رگهوناٿ چيو "پائي! مان ٻجان ڪونه ٿو پر خيال ٿو ڪريان ته جيڪڏهن ڪير آواز لي، جاڳي پوي ته پوء ڇا ڪريان؟"

ڌرم چيو " اوهين انهيء جو ڪو به خيال نه ڪريو. اوهين جڏهن هيٺ وڃي ڪم پورو ڪريو ته آهستي آواز ڪري چئجو "ابڙ ڏئون

ڏيون!" بس پوءِ مان هڪدم نوڙي مٿي
ڇڪيندس."

لاچار ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي رگهونات اهو
قبول ڪيو ۽ حجم کي چيائين "ڏئي! هوشيار!
رهج. مان جڏهن ئي "لبڙ ڏيون ڏيون!" چوان
تڏهن هڪدم نوڙي ڇڪج.

حجم چيو "اوهين چنتا آهيون؟"

ٺاڪر صاحب کي ٻکہ ڏاڍو ستايو هو. سو هڪدم
نوڙي چيلہ ۾ ٻڌي هيٺ لٿو. هيڏانهن هو رنڊٽي
جو دروازو کولي آهستي آهستي اندر گهڙيو تہ
هو ڏانهن حجم اُباسيون ڏيڻ شروع ڪيون ۽
آخر اُليئي سمهي پيو ۽ ننڊ ڪٽي ويس.

رگهونات اندڌيري ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ لڳو.
آخر ڪجهہ دير ڪانپوءِ ڇڪوگولهي ڪڍيائين.
آهستي ڪري ان مان پوڙيون ڪڍڻ لڳو.
پوڙيون ڪڍي ئي رهيو هو تہ ڇڪي مٿان رکيل
لوٽو ڌُو اچي پٽ تي ڪريو. رنڊٽي جي پرواريءَ
ڪوٺيءَ ۾ رگهونات جي زال ۽ سالي سمهيل
هيون. هوُ اُٿي کڙيون ٿيون ۽ واکو ڪري
پڇيائون "ڪير آهي؟"

ويچارو رگهوناٿ ٻوڙي ٻاهر آيو ۽ نوڙيءَ کي لوڏي "لبڙ ڏئون ڏئون" ڇوڻ لڳو. مگر ڇجم نہ زور سان کونگهرا هڻي رهيو هو سو ڪٿي ٿو کيس مٺي ڇڪي؟

لبڙ ڏئون ڏئون جو آواز ٻڌي ٻئي ڀينرون اندر آيون. هڪڙي کي اٽي جو ديگڙو هٿ آيو ۽ ٻئي کي سيري جي ٿئي. ايتري ۾ رگهوناٿ زور سان واڪو ڪري چيو "لبڙ ڏئون ڏئون". آواز ٻڌي رگهوناٿ جي زال زور سان سيري جي ٿئي مٿانئس اُڇلائي. ويچاري رگهوناٿ جو منهن سيري سان ڀرجي ويو. هن زور سان واڪو ڪري چيو "لبڙ ڏئون ڏئون! لبڙ ڏئون ڏئون!!" ايتري ۾ سندس ساليءَ زور سان اٽي جو ديگڙو مٿانئس اُڇلايو. رگهوناٿ جو سڄو بدن اٽي سان لٿجي ويو. ديگڙي لڳڻ ڪري مٿي مان رت وهڻ لڳس. ڏند ڪرٽي زور سان رڙيون ڪري چيائين "اڙي ڪمبخت ڇجم! مري وئين ڇا؟ ڇڪين ڇو نہ ٿو؟ اڙي لبڙ ڏئون ڏئون! لبڙ ڏئون ڏئون!!" پر ڇجم جاڳندو هجي نہ کيس ڇڪي.

هاڻي رگھوناٿ زور سان نوڙي لوڏي واکو ڪري چيو "او حجم! او حجم!! يار لبڙ ڏئون ڏئون، لبڙ ڏئون ڏئون." رگھوناٿ جي زال ۽ سالي ۽ سمجھيو ته شايد هيءُ ڪو جن آهي سو دپ ۾ اندر ڀڄي ويٺيون ۽ واڪا ڪرڻ لڳيون. واڪن تي گھر جا ڀاتي جاڳي پيا ۽ پڇيائون "ڇو ڇو، ڇاهي؟"

رگھوناٿ جي زال ڏڪندي چيو "گھر ۾ لبڙ ڏئون ڏئون" گھڙي آيو آهي."

سڀ گھر جا ڀاتي رنڊڪي ۾ آيا ته هڪڙو سيري ۽ اٿي سان ٿقيل آدمي زور سان "لبڙ ڏئون ڏئون" چئي رهيو آهي. اونده جي ڪري هو رگھوناٿ کي سڃاڻي ڪين سگھيا. بس پوءِ ته ڀادر، جوڙ ۽ ڏنڊا کڻي کيس خوب ڪٽڻ لڳا. رگھوناٿ زور سان واڪا ڪرڻ لڳو " اڙي حجم! او حجم! لبڙ ڏئون ڏئون."

هاڻي حجم سڃاڻ ته ٿيو ۽ جڏهن ئي کيس مٿي چڪڻ لڳو تڏهن ئي رگھوناٿ جي زال بتي ٻاري اندر گھڙي آئي. روشني ۾ جڏهن گھر جي ڀاتين

ڏٺو ته سندن ناني سيري ۽ اٽي ۾ ٿڦيل مٿي
ڊوڙيءَ ۾ لٽڪيو پيو آهي تڏهن خوب زور سان
کلڻ لڳا. رگهوناٿ جي هٿ ۾ پوڙيون ڏسي
سمجهيائون ته بکه سبب ويچارو پوڙيون
چورائڻ آيو. ويچارو رگهوناٿ به پنهنجي
حالت ڏسي ڏاڍو لڄي ٿيو.

گورڌن (محبوباڻي